# سنڌ ايڪٽ نمبر II مجريه 1995

# SINDH ACT NO.II OF 1995

# سنڌ فنانس (ترميم) ايڪٽ، 1995

# THE SINDH FINANCE (AMENDMENT) ACT, 1995

## (CONTENTS) فهرست


تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

2. 1964 جي اولهه پاڪستان ايڪٽ نمبر XXXIV جي دفعه 12 جي ترميم
Amendment of section 12 of West Pakistan Act No.XXXIV of 1964

3. 1995 جي سنڌ آرڊيننس نمبر 1 جي منسوخي
Repeal of Sindh Ordinance No.1 of 1995

# سنڌ ايڪٽ نمبر II مجريه 1995

# SINDH ACT NO.II OF 1995

# سنڌ فنانس (ترميم) ايڪٽ، 1995

# THE SINDH FINANCE (AMENDMENT) ACT, 1995

[22 جون 1995]

ايڪٽ جنهن ذريعي سنڌ فنانس ايڪٽ، 1964 ۾ ترميم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن تہ سنڌ فنانس ايڪٽ، 1964 ۾ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي، جيڪا هن ريت هوندي؛

ان ڪري هن ريت عمل ۾ آندو ويندو:

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

1. (1) هن ايڪٽ کي سنڌ فنانس (ترميم) ايڪٽ، 1995 سڏيو ويندو.

(2) هي فوري طور تي لاڳو ٿيندو ۽ 27 آڪٽوبر 1994 کان لاڳو سمجھيو ويندو.

1964 جي اولهہ پاڪستان ايڪٽ نمبر XXXIV جي دفعہ 12 جي ترميم
Amendment of section 12 of

2. سنڌ فنانس ايڪٽ، 1964 جي دفعہ 12 ۾:

(i) ذيلي دفعہ (1) ۾، لفظن "ارڙنهن پئسا" لاءِ لفظن "هڪ رپيو" کي متبادل بڻايو ويندو؛

(ii) ذيلي دفعہ (2) لاءِ بشمول شرطيہ بيان جي، هيٺين ريت متبادل بڻايو ويندو:

"(2) شگر ملز ۽ ملز کي ڪمند وڪرو ڪندڙ ماڻهو تي

West Pakistan Act No.XXXIV of 1964

سيس ۾ حصو پنجهتر پئسا ۽ پنجويهه پئسا ترتيبوار جي مناسبت سان لاڳو ٿيندو:

بشرطيڪ ڪمند مل جي پنهنجي فارم تان حاصل ٿيڻ جي صورت ۾، سيس جي قيمت هڪ رپيو في مڻ جي حساب سان مل طرفان ادا ڪئي ويندي.”

1995 جي سنڌ آرڊيننس نمبر 1 جي منسوخي
Repeal of Sindh Ordinance No.1 of 1995

3. سنڌ فنانس (ترميم) آرڊيننس، 1995 کي منسوخ ڪيو وڃي ٿو.

**نوٽ:۔ ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.**